Reg No 2677
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8
www.dailysindhyar.com

جلد :11 | آچر 17 سيپٽمبر 2023ع بمطابق 30 صفر 1445ھ | شمارو: 329 | قيمت10 روپيا

پاڪستان جي خوشحالي جو دور واپس اچي رهيو آهي: مريم نواز

نواز شريف عوام کي مهانگائي جي غلامي مان ڇوٽڪارو ڏياريندو

نوازشريف واپس نہ پيو اچي، نوازشريف کي مائنس ڪندي ڪندي نااهلن پاڪستان جي ترقي کي مائنس ڪري ڇڏيو

2016 ۾ عوام کان ترقي ۽ معيشت ۾ بهتري ڦري وئي، نوازشريف جي خلاف سازش جي نتيجي ۾ عوام کي مهانگائي کي منهن ڏيڻو پيو

سازشي نٽا چاهين ٿا پاڪستان معاشي طور تي مضبوط ٿي، عوام مهانگائي جي غلامي کان آزاد ٿئي

21 آڪٽوبر تي اعلان ڪيو آهي تہ غريبن جي ڏک ۽ تڪليف جو احساس ڪندڙ نوازشريف واپس اچي رهيو آهي

نوازشريف اهو آهي جنهن ج دور ۾ 47 سال ۾ مهانگائي گهٽ کان گهٽ سطح تي آئي هئي

پشاور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي سينئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز شريف چيو آهي تہ نوازشريف کي مائنس ڪندڙ پاڻ مائنس ٿي چڪا آهن. هاڻ پاڪستان جي خوشحالي جو دور واپس اچي رهيو آهي. نوازشريف عوام کي مهانگائي مان ڇوٽڪارو ڏياريندو خيبرپختونخواھ ۾ پارٽي ورڪرن جي مشاورتي اجلاس کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو تہ نوازشريف کي ملڪ اچڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

پاڪستان اولھہ ۽ اوڀر محاذ تي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي: انوارالحق

امن امان ۽ سرحدي صورتحال باوجود اليڪشن ۾ دير جو امڪان نظر نہ پيو اچي: نگران وزيراعظم

امن امان ۽ سرحدي صورتحال سبب عام چونڊن جي التوا جو امڪان نظر نہ پيو اچي پر يقين آهي تہ هڪ ئي وقت سرحدي خطرن تي بہ ظابطو آڻي چونڊ عمل بنا رنڊڪ مڪمل ڪرائي وٺنداسين

ڪشمير تڪرار جي ايجنڊا گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ گهڻي پراڻي آهي ۽ ان کان انڪار نٿو ڪري سگهجي

اسان ڪشمير جي ڪيس جو دفاع ۽ ان جي وڪالت مختلف عالمي فورمز تي ڪندا رهنداسين، والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي وڏي پئماني تي ڀڃڪڙين تي رهيون آهن

پاڪستان ۾ ڪنهن جو بہ نالو وٺڻ تي پابندي ناهي، ڪنهن جو بہ نالو ڪٿي سگهو ٿا، پاڪستان ۾ اظهار جي آزادي جو معاملو جيڪڏهن سڀ کان بهتر نہ سهي پر گهڻو بهتر ضرور آهي

انساني حقن جي حوالي سان پاڪستان جي حڪومت ۽ رياستي ڪردارن جي حوالي سان، پاڪستان ۾ معاشي سڌارن جي حوالي سان ڪو اهڙو مسئلو نہ آهي

اسلام آباد (م ڊ) نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيو آهي تہ امن امان ۽ سرحدي صورتحال باوجود اليڪشن ۾ دير جو امڪان نظر نہ پيو اچي. آمريڪي خبررساں اداري کي ڏنل انٽرويو ۾ نگران وزيراعظم چيو تہ جيئوٽيڪ پاڪستان اولھہ ۽ اوڀر محاذ تي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي، امن امان ۽ سرحدي صورتحال سبب عام چونڊن جي التوا جو امڪان نظر نہ پيو اچي پر يقين آهي تہ هڪ ئي وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ پرڏيهي خبر ادارَي کي انٽرويو ڏئي رهيو آهي

جماعت اسلامي پيٽروليم قيمتن ۾ واڌ خلاف گورنر هائوس ٻاهران ڌرڻي جو اعلان ڪري ڇڏيو

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ڪري عوام جو جيئڻ مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي: سراج الحق

اهڙي صورتحال ۾ خاموش رهڻ موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي، عوام رڪارڊ مهانگائي خلاف گهرن کان ٻاهر نڪري

عوام هاڻ موت جو انتظار ڪرڻ جي بجاءِ گهرن کان ٻاهر نڪري ۽ جماعت اسلامي جي تحريڪ جو حصو بڻجي

لاهور (م ڊ) جماعت اسلامي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ کي رد ڪندي گورنر هائوس ٻاهران ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. جماعت اسلامي جي امير سراج الحق چيو آهي تہ حڪومت آءِ ايم ايف جي چوڻ تي پيٽروليم شين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پاڪ فوج ملڪي سالميت ۽ استحڪام جي علامت آهي: پير پاڳارو

هر محب وطن پاڪستاني پنهنجي هٿيار بند فوج سان گڏ بيٺل آهي

پاڪ فوج ملڪي سلامتي ۽ دفاع ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن

هٿياربند فوجن جي بدولت اسان رات جو آرام ۽ اطمينان سان سمهندا آهيون

ڪراچي (رپورٽر) حرن جي روحاني پيشوا ۽ مسلم ليگ فنڪشنل جي سربراھ پير پاڳاري چيو آهي تہ پاڪ فوج ملڪي سالميت ۽ استحڪام جي علامت آهي. هر محب وطن پاڪستاني پنهنجي هٿياربند فوج سان گڏ بيٺل آهي. اهڙو اظهار هن راجا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: حرن جو روحاني پيشوا ۽ مسلم ليگ فنڪشنل سربراھ پير پاڳارو وفد سان ڳالهائي رهيو آهي

سنڌ جرنلسٽ ڪائونسل پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي ڪيمپ قائم ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جرنلسٽ ڪائونسل پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن ۽ سهولتڪارن جي گرفتاري لاءِ سپاٽي سومر کان ڪراچي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي ڪيمپ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو آهي تہ فوري طور تي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي. اهڙو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

چيف جسٽس الوداعي خطاب دوران پاڻ کي پڌنڌڙ سج قرار ڏيندي روئڻ ٿهار ڪوٽي ويو

توهان سان گڏ سپريم ڪورٽ جي جج طور 9 سال ڏاڍا سٺا گذريا، منهنجي حالت هاڻ پڌنڌڙ سج جهڙي آهي: عمر عطا بنديال

توهان جو اچا وقت پيو آهي، توهان سڀ پنهنجي ڀرپور لڳاءَ سان ڪم ڪيو، ملڪ معاشي ۽ ٻين چئلينجن کي منهن ڏئي رهيو آهي

سيني جي گڏجڻ سان اهو بحران نہ رهندو، چيف جسٽس عملدارن جو شڪريو ادا ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال سپريم ڪورٽ جي آفيسرن ۽ اسٽاف سان الوداعي خطاب دوران روئڻهارڪو ٿي ويو چيف جسٽس خطاب دوران پاڻ کي پڌنڌڙ سج سان ڀيٽيو ۽ چيو تہ توهان سان گڏ سپريم ڪورٽ جي جج طور 9 سال ڏاڍا سٺا گذريا، منهنجي حالت هاڻ پڌنڌڙ سج جهڙي آهي. هن چيو تہ توهان جو اچا وقت پيو آهي. توهان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لنڊن ۾ ن ليگ قيادت جو اهم اجلاس، قانوني ٽيم نواز شريف کي پاڪستان واپسي لاءِ ڪليئرنس ڏئي ڇڏي

لنڊن ۾ ٿيل اهم اجلاس ۾ اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف، اڳوڻي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ، امجد پرويز ملڪ، عطا تارڙ ۽ اسحاق ڊار شرڪت ڪئي

اجلاس ۾ اعظم نذير تارڙ ۽ امجد پرويز بٽ نواز شريف جي وطن واپسي تي پارٽي قيادت کي قانوني معاملن تي بريفنگ ڏني

ن ليگ جي قانوني ٽيم نواز شريف جي پاڪستان واپسي لاءِ حڪمت عملي تيار ڪري ورتي

لنڊن (م ڊ) لنڊن ۾ پاڪستان مسلم ليگ نون جي قيادت جي اهم گڏجاڻي ٿي آهي. لنڊن ۾ ٿيل اهم اجلاس ۾ ن ليگ قائد نواز شريف، اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف، اڳوڻي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ، امجد پرويز ملڪ، عطا تارڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ن ليگ جو سربراھ نواز شريف (فائيل فوٽو)

ڪراچي: سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر سان ايم ڪيو ايم پاڪستان جو ملاقات ڪري رهيو آهي

نگران وڏي وزير مقبول باقر سان ايم ڪيو ايم پاڪستان جي 3 رڪني وفد ملاقات

ملاقات ۾ خالد مقبول صديقي، ڊاڪٽر فاروق ستار ۽ مصطفيٰ ڪمال بہ موجود هئا

ايم ڪيو ايم جي وفد شهري علائقن جي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي : ترجمان

سنڌ صوبي جي سمورن شهري علائقن ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاھ، ميرپورخاص، سکر ۽ لاڙڪاڻي جو مناسب خيال رکيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر سان متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي 3 رڪني وفد ملاقات ڪئي. وڏي وزير جي ترجمان ٻڌايو آهي تہ ملاقات ۾ خالد مقبول صديقي، ڊاڪٽر فاروق ستار ۽ مصطفيٰ ڪمال بہ موجود هئا. ترجمان موجب ايم ڪيو ايم جي وفد سنڌ جي نگران وڏي وزير کي مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو. ملاقات جي حوالي سان ترجمان جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو فيصلو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج

نگران وفاقي حڪومت سميت ٻين کي ڌر بڻايو ويو

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ 26 روپين جو اضافو ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جو فيصلو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي. جوڊيشل ايڪٽوزم پينل جي سربراھ اظهر صديق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

عمران خان پاران اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست داخل

وڪيل بيرسٽر سلمان صفدر ذريعي هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي

فريادي ڌر جي بدنيتي تي ٻڌل ڪيس داخل ڪيو : درخواستگذار

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سائفر ڪيس ۾ ضمانت لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست داخل ڪري ڇڏي جيڪا ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. عمران خان پنهنجي وڪيل بيرسٽر سلمان صفدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

صحافي شان سولنگي ۽ عمران سولنگي جي نوجوان ڀيڻ لاڏاڻو ڪري وئي، مڙھ مٽيءَ ماءُ حوالي

نگليريا وائرس سبب 23 سالا صفيہ سولنگي کي ڊائو ميڊيڪل اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو هو

مرحومہ جي جنازي نماز سجاده نشين قمبر سيد عطاءُ الله شاھ بخاري پڙهائي ۽ مغفرت لاءِ خصوصي دعا گهري

جنازي نماز ۾ سولنگي برادري جي مانهن قربان علي سولنگي، زاهد سولنگي، عابد سولنگي سميت مٽن مائٽن شرڪت ڪئي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) صحافي شان سولنگي ۽ عمران سولنگي جي نوجوان ڀيڻ نگليريا وائرس سبب لاڏاڻو ڪري وئي. جنهن جو مڙھ ملير ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي. 23 ورهين جي صفيہ ولد رزاق سولنگي کي نگليريا وائرس سبب ڪراچي جي ڊائو ميڊيڪل اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو هو. ڊاڪٽرز پاران 4 ڏينهن وينٽيليٽر تي رکيو ويو پر هو جانبر نہ ٿي سگهي ۽ خالق حقيقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: صحافي شان سولنگي ۽ عمران سولنگي جي ڀيڻ جي وفات تي سيد عطاءُ الله شاھ بخاري دعا گهري رهيو آهي

ڪينٽين مالڪ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ايس او پيز تي سختي سان عمل ڪن : ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين سرڪاري توڙي خانگي اسپتالن جي ڪينٽين مالڪن کي هدايت ڪئي آهي تہ سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ايس او پيز تي سختي سان عمل ڪن ٻي صورت ۾ قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. ان ڳالھ ۾ ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

جسٽس قاضي فائز عيسيٰ اڄ نئين چيف جسٽس طور حلف کڻندو

صدر عارف علوي جسٽس فائز عيسيٰ کي چيف جسٽس آف پاڪستان جي عهدي جو حلف کڻائيندو

حلف برداري جي تقريب اڄ صبح يارهين وڳي ٿيندي : ايوان صدر

اسلام آباد (م ڊ) جسٽس قاضي فائز عيسيٰ اڄ ملڪ جي نئين چيف جسٽس طور عهدي جو حلف کڻندو صدر عارف علوي جسٽس فائز عيسيٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ پاران مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ پاران مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

جاويد اختر، خرم علي، وقار بلوچ، ليليٰ لورا جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

حڪومت کي گهرجي تہ پنهنجي غير ضروري خرچن ۾ ڪافي حد تائين گهٽتائي ڪري :اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ ڪراچي جي سڏ تي پيٽرول ، بجلي جي اگهن ۾ واڌ سميت ملڪ ۾ آيل مهانگائي خلاف ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي ئي ٽرانسپورٽرز ڀاڙا وڌائي ڇڏيا

لاهور کان ٻين شهرن جي ڀاڙن ۾ 300 کان 400 روپين جو اضافو ڪيو ويو

راولپنڊي جو ڀاڙو 2000 کان 2200 جڏهن تہ پشاور جو 2500 کان 2750 روپيہ ڪيو ويو

ڪوئيٽہ جو ڀاڙو 4400 مان وڌائي 4650 روپيہ ڪيو ويو، جڏهن تہ ڪوھ مري جو ڀاڙو 2400 مان وڌائي 2650 ڪيو ويو

لاهور (م ڊ) پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿيڻ کان پوءِ ٽرانسپورٽرز ڀاڙن ۾ اضافي جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي پبلڪ ٽرانسپورٽرز طرفان 15 کان 20 سيڪڙو ڀاڙن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي لاهور کان ٻين شهرن جي ڀاڙن ۾ 300 کان 400/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پرويزالاهي اڊيالا جيل مان آزاد ٿيندي ئي ٻيهر گرفتار، هڪ ڏينهن جو ريمانڊ منظور

پرويز الاهي اڊيالا جيل راولپنڊي مان آزاد ٿيو ئي هو تہ اينٽي ڪرپشن طرفان ڪيس گرفتار ڪيو ويو

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويزالاهي کي راهداري ريمانڊ جي لاءِ جوڊيشل ڪمپليڪس پهچايو ويو : اينٽي ڪرپشن اختياريون

پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير کي اينٽي ڪرپشن هيڊ ڪوارٽر منتقل ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) اينٽي ڪرپشن پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي کي اڊيالا جيل مان آزاد ٿيندي ئي ٻيهر گرفتار ڪري ورتو آهي. اينٽي ڪرپشن جي اختيارين موجب پرويز الاهي اڊيالا جيل راولپنڊي مان آزاد ٿيو ئي هو تہ اينٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستاني چانور جي ڊمانڊ وڌي وئي، ڪيترن ئي ملڪن ۾ برآمد ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستاني چانور کي ميڪسيڪو ۽ روس جي ويزا ملي وئي، رائس ايڪسپورٽرز ايسوسيئيشن هن سال 50 ک ٽن چانور برآمد ڪري 3 ارب ڊالر ڪمائيندي. رائس ايڪسپورٽرز ايسوسيئيشن جي چيئرمين چيلا رام ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس دوران ٻڌايو تہ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: اڳوڻو وڏو وزير پرويزالاهي عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

مهانگو پيٽرول: راولپنڊي جي واپارين روزگار بچايو تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

مهانگائي جي خلاف هاڻ تحريڪ هلائي ويندي : آل پاڪستان ريسٽورينٽ ايڪشن ڪميٽي

هاڻ صرف احتجاج نہ ٿيندو پر احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي جنهن سان مهانگائي تي ڪنٽرول ڪيو ويندو

پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اڄ جي اضافي کان پوءِ ڪاروبار ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي جي واپارين پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ تي روزگار بچايو تحريڪ هلائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

پشاور: ن ليگ اڳواڻ مريم نواز خيبرپختونخواھ ۾ پارٽي ورڪرن جي مشاورتي اجلاس کي خطاب ڪندي

سائفر ڪيس: عمران خان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست داخل ڪري ڇڏي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سائفر ڪيس ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

نائي مان پئسا وٺڻ ائين آهي مال مفت دل بي رحم: مصطفيٰ نواز کوکر

حڪمرانن جي نااهلي کي عوام آخر ڪيستائين منهن ڏيندو

توهان آمدني کان وڌيڪ خرچ ڪيو ۽ عوام کي قيمت ادا ڪرڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اڳوڻي سينيٽر مصطفيٰ نواز کوکر چيو آهي تہ تيل جي اگهن ۾ واڌ وچولي طبقي جي پيٽ ۾ خنجر هڻڻ جي برابر آهي. ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ جي حوالي سان سوشل ميڊيا ويب سائيٽ ايڪس (اڳوڻي ٽوئيٽر) تي جاري ڪيل بيان ۾ مصطفيٰ نواز کوکر چيو آهي تہ حڪمرانن جي نااهلي کي عوام آخر ڪيستائين منهن ڏيندو. مصطفيٰ نواز کوکر جو چوڻ آهي تہ توهان آمدني کان وڌيڪ خرچ ڪيو ۽ عوام کي قيمت ادا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اڳوڻو سينيٽر مصطفيٰ نواز کوکر (فائيل فوٽو)

سکر: رانوتي پرسان روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل 8 ڄڻن جي جنازي نماز کان پوءِ تدفين ڪئي وئي

صحافي حيدر مستوئي جي امڙ، گهرواري ۽ ٻن ڀائرن جي جنازي نماز سکر بس ٽرمينل تي ادا ڪئي وئي

چارئي مڙھ روهڙي پرسان ڳوٺ فيض مستوئي ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيا ويا

سکر (رپورٽر) رانوتي پرسان روڊ حادثي ۾ فوت ٿي ويل 8 گهرڀاتين جي جنازي نماز کان پوءِ تدفين ڪئي وئي آهي. صحافي حيدر مستوئي جي امڙ، گهرواري ۽ ٻن ڀائرن جي جنازي نماز سکر بس ٽرمينل تي ادا ڪئي وئي، چارئي مڙھ روهڙي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪنڌڪوٽ ڪشمور ۽ گهوٽڪي جي ڪچي ۾ رينجرز طرفان آپريشن جو سلسلو شروع، وڌيڪ جوان مقرر

ڌوهارين خلاف آپريشن لاءِ سکر مان رينجرز جا اهلڪار ڪچي واري علائقي ڏانهن روانا ڪيا ويا

ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن جي خاتمي ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ آپريشن ڪيو پيو وڃي ڪچي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي رينجرز جوانن پوزيشن سنڀالي ورتي

نگران وڏي وزير جي هدايتن ۽ ڪابينا جي منظوري بعد رينجرز پاران آپريشن جون تياريون ڪيون ويون

سکر (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ، ڪشمور ۽ گهوٽڪي جي ڪچي وارن علائقن ۾ رينجرز طرفان آپريشن جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي جڏهن تہ وڌيڪ جوان پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. ڌوهارين خلاف آپريشن لاءِ سکر مان رينجرز جا اهلڪار ڪچي واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

فنڪشنل ليگ پاران پيٽروليم شين جي اگهن ۾ اضافو عوام دشمن قرار

نگران حڪومت ڏکين حالتن ۾ عوام کي رليف ڏيڻ بجاءِ وڌيڪ مهانگائي جي ڏهڻ ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي : سردار عبدالرحيم

پيٽروليم شين جي اگهن ۾ اضافي جو سڌو سنئون اثر عام واهپي جي شين جي اگهن ۾ ٿئي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري جي ڊي اي جي اطلاعات سيڪريٽري سردار عبدالرحيم پيٽروليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سعودي ولي عهد جلد پاڪستان جو دورو ڪندو: جليل عباس

لنڊن اچڻ جو بنيادي مقصد دولت مشترڪہ جي يوٿ منسٽرز ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ آهي

وزيراعظم پاڪستان نوجوانن جي ترقي لاءِ 80 ارب روپين جو فنڊ پڻ رکيو آهي

والاريل ڪشمير جي خاص حيثيت ختم ٿيڻ کان پوءِ ڀارت سان پاڪستان جا لاڳاپا ختم ٿي ويا آهن

لنڊن (م ڊ) پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني چيو آهي تہ سعودي ولي عهد محمد بن سلمان جلد پاڪستان جو دورو ڪندو. لنڊن ۾ پريس ڪانفرنس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سعودي ولي عهد محمد بن سلمان

فاطمہ ڦرڙو جو موت ڪيئن ٿيو؟ پوسٽ مارٽم رپورٽ تيار

مقتولا فاطمہ ڦرڙو جي پوسٽ مارٽم رپورٽ تمام جلد پوليس حوالي ڪئي ويندي : ذريعا

سيني ۽ مٿي ۾ ڌڪ لڳڻ سبب ٻارڙي جو موت ٿيو : ليبارٽري ذريعا

خيرپور (رپورٽر) خيرپور جي حويلي ۾ زيادتي ۽ تشدد ڪانپوءِ قتل ڪيل گهريلو ملازمہ فاطمہ ڦرڙو جي پوسٽ مارٽم رپورٽ تيار ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب مقتولا فاطمہ ڦرڙو جي پوسٽ مارٽم رپورٽ تمام جلد پوليس حوالي ڪئي ويندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

گيس جي قيمتن ۾ واڌ تي ڪم جاري آهي، پهرين جولاءِ کان نيون قيمتون لاڳو ٿينديون: محمد علي

2700 روپين ۾ گيس درآمد ڪري 1100 روپيہ في ايم ايم بي ٽي يو ۾ نٿا ڏئي سگهون، گيس جي قيمتن ۾ واڌ تي ڪم جاري آهي جيڪو پهرين جولاءِ کان لاڳو ٿيندو

ڊالر تي ڪنٽرول جو فائدو ايندڙ 15 ڏينهن ۾ ٿيندو، 3700 روپين ۾ گيس درآمد ڪري 1100 روپيہ في ايم ايم بي ٽي يو ۾ نٿا ڏئي سگهون

گيس جي قيمتن ۾ اضافي تي ڪم ڪيو پيو وڃي، پهرين جولاءِ کان نيون قيمتون لاڳو ٿينديون، غريب ماڻهن تي وڌيڪ بار نہ وجهنداسين

اسلام آباد (م ڊ) توانائي بابت نگران وفاقي وزير محمد علي چيو آهي تہ 2700 روپين ۾ گيس درآمد ڪري 1100 روپيہ في ايم ايم بي ٽي يو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

اسلام آباد: توانائي بابت نگران وفاقي وزير محمد علي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

مهانگائي جي ماريل عوام لاءِ پيٽرول 26 روپيہ 2 پئسا في ليٽر، ڊيزل 17 روپيہ وڌيڪ مهانگو، نوٽيفڪيشن جاري

اسلام آباد (م ڊ) حڪومت پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي واڌ ڪري ڇڏي آهي. حڪومت طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ميجر ماراسپري مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

مهم جو افتتاح ڊي ايچ او ڏکڻ جي آفيس کان شروع ڪيو ويو

سنڌ جو صحت وارو سيڪريٽري ڊاڪٽر منصور عباس رضوي موجود هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ سوشل ويلفيئر واري نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز ڊينگي ۽ مليريا خلاف گهر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نگران حڪومت جو اصل ڪم صاف شفاف چونڊون ڪرائي اقتدار عوامي نمائندن کي منتقل ڪرڻ آهي: محمد حسين محنتي

تيل اگهن ۾ ڦير ڦار جو ڪين هرگز مينڊيٽ حاصل ڪونهي، پاڪستاني عوام جي يادداشت ڪمزور آهي انڪري هر حڪمران ڪين بيوقوف بڻائيندو رهيو آهي

پيٽرول جي قيمت سيئي رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن، هي بدترين ظلم آهي، بي حس حڪمران لاڳيتو عوام جو معاشي قتل عام ڪري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي نگران حڪومت پاران ڏيڍ مهيني ۾ ٽيون ڀيرو پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ ڳاتي توڙ اضافي جي شديد مذمت ڪندي ان عمل کي عوام جي وات مان ماني جو آخري گرھ کسڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ پاڻي چورن خلاف آپريشن، 69 واٽر ٽينڪر ضبط

رينجرز پاڻي چورن خلاف ڪارروائي ڪندي 69 واٽر ٽينڪر ضبط ڪري ورتا

ڪشمير هائيڊرنٽس ۽ شڪر هائيڊرنٽس سميت 11 غير قانوني هائيڊرنٽس خلاف آپريشن ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پاڻي چورن خلاف آپريشن، 69 واٽر ٽينڪر ضبط. تفصيلي خبر موجب پاڪستان رينجرز سنڌ جي ٽيمن ڪراچي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

وارهه ۾ آءِ ايم ايف ۽ حڪمرانن جي معاشي پاليسين، مهانگائي بي روزگاري ۽ لاقانونيت خلاف ريلي

عوامي تحريڪ، عوامي ورڪرز پارٽي، عوامي جمهوري پارٽي، شهيد ڀٽو پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، سخت نعريبازي

مهانگائي، بيروزگاري ۽ لاقانونيت پورهيت طبقي جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، غريب طبقو سخت پريشان آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ملڪ ۾ صنعتڪاري ڪئي وڃي ۽ بيروزگار نوجوانن کي روزگار ۽ بيروزگاري الائونس ڏنو وڃي

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو) وارهه ۾ آءِ ايم ايف ۽ حڪمرانن جي معاشي پاليسين، مهانگائي بي روزگاري ۽ لاقانونيت خلاف ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي مرڪزي سڏ تي وارهه ۾ عوامي تحريڪ، عوامي ورڪرز پارٽي، عوامي جمهوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

وارهه :آءِ ايم ايف ۽ حڪمرانن جي معاشي پاليسين، مهانگائي بي روزگاري ۽ لاقانونيت خلاف ريلي جو ڏيک

سکر شهر ۾ ترقياتي ڪمن جي آڙ ۾ وڏي پيماني تي ناهيل روڊن جي ڪوٽائي جو عمل شروع

سکر(رپورٽر) سکر شهر ۾ انتظاميه ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي پاران هڪ ڀيرو ٻيهر شهر جي رهائشي ۽ ڪاروباري مرڪزن ۾ ترقياتي ڪمن جي آڙ ۾ وڏي پيماني تي ناهيل روڊن جي ڪوٽائي جو عمل شروع ڪري ڇڏيو آهي. شهر ۾ ترقياتي ڪمن جي نالي تي وڏي پيماني تي ناهيل روڊن کي ڊاهڻ بعد بشراج روڊ تي نهيل روڊن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ ناري ڪلثوم سيتار پنهنجي مڙس دلشاد سيتار سان گڏ رهڻ جو بيان ڏئي ڇڏيو

مون کي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو مون راضي خوشيءَ سان دلشاد سان پسند جي شادي ڪئي آهي : ڪلثوم سيتار

مائٽ اسان کي ڪارو ڪاري ڪري قتل ڪري ڇڏيندا، اسان کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ)مورو ڳوٺ [illegible] ڪلثوم سيتار پنهنجي مڙس دلشاد سيتار سان گڏ رهڻ جو سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ مورو جي عدالت ۾ 164 جو بيان ڏئي ڇڏيو [illegible] جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مون کي ڪنهن به اغوا ناهي ڪيو [illegible] دلشاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شهدادڪوٽ ۾ ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي سڏ تي ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو

مختلف سياسي سماجي ڪارڪن پاران ڪامريڊ عرس سيلرو، وهاب پنڊراڻي، امداد لوهر، ستار مگنهار، مراد پنڊراڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ملڪ ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي غريب ماڻهو ڪنهن ريليو ماني کائڻ لاءِ به پريشان آهن، غريب طبقو سخت پريشان ٿي ويو آهي : مظاهرين

تيل جون قيمتون آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن نگران حڪومت روز مره ڪاڌي پيتي جي شين ۾ واڌ ڪري مهانگائي وڌائي ڇڏي آهي

شهدادڪوٽ (نمائندو) شهدادڪوٽ ۾ ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي سڏ تي ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي، پيٽرول جي اگهن ۾ [illegible] عوامي ورڪرز پارٽي ۽ [illegible] پنڊراڻي، امداد لوهر، ڪامريڊ عرس سيلرو [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

تنڊوباگو ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ اکين جو وائرس ڦهلجي ويو، سوين مرد عورتون ۽ ننڍا ٻار اکين جي وائرس ۾ مبتلا ٿي ويا

تنڊوباگو(رفاقت جروار) تنڊوباگو ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ اکين جو وائرس ڦهلجڻ سبب سوين مرد عورتون ۽ ننڍا ٻار اکين جي وائرس ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. جنهن ڪري تنڊوباگو جي اکين واري خيراتي اسپتال ۾ اکين جي وائرس وارن مريضن جي پيهه لڳي وئي آهي. ان سلسلي ۾ محمد يوسف ميراڻي، محمد ملاح ۽ ٻين ٻڌايو ته اکين جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شهدادڪوٽ ۾ ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي سڏ تي ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسلام ڪوٽ شهر منشيات فروشن جي رحم ڪرم تي ڇڏيل، پوليس خاموش

سفينا سميت رائل ڪنگ ۽ چرس آفيم جو سري عام وڪرو، نوجوان نسل تباهي ڪناري پهتل

منشيات جا اڏا پوليس سرپرستي ۾ هلڻ لڳا، پوليس اکين تي نوٽن جون پٽيون ٻڌي ڇڏيون

ننڍا ٻار اسڪولي شاگرد توڙي نوجوان ۽ عورتون پڻ نشي ۾ مبتلا، نوٽيس وٺڻ جي اپيل

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق بجير) اسلام ڪوٽ شهر منشيات فروشن جي رحم ڪرم تي ڇڏيل، سفينا سميت رائل ڪنگ ۽ چرس آفيم جو سري عام وڪرو جيئندو درس ۽ سونل ڀ ۾ منشيات جا اڏا پوليس سرپرستي ۾ هلڻ لڳا پوليس اکين تي نوٽن جون پٽيون ٻڌي ڇڏيون ننڍا ٻار اسڪولي شاگرد توڙي نوجوان ۽ عورتون پڻ نشي ۾ مبتلا سڄاڻ ڏرين پاران آءِ جي سنڌ کان نوٽيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين ۾ بدامني ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ ايس ٽي پي پاران پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

شاهنواز سيال علي حيدر پنهور غلام قادر مراداڻي ياسر سيال ڪفايت سنڌي ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس جي سرپرستيءَ ۾ سڄي ضلعي ۾ منشيات جو ڪاروبار هلي رهيو آهي ڪير پڇڻ وارو ناهي : مظاهرين

منشيات جي اڏن جي خلاف احتجاج ڪرڻ تي سياسي ڪارڪن کي گرفتار ڪري ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ بدامني ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ ايس ٽي پي جو پوليس جي خلاف احتجاجي مظاهرو پنجويهين ڏينهن به 4 ڪلاڪ علامتي بک هڙتال پوليس جي خلاف سخت نعريبازي هن موقعي تي اڳواڻن شاهنواز سيال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

شهدادڪوٽ ۾ هٿياربندن گولين هڻي بلوچستان جي رهواسي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ هٿياربندن گولين هڻي بلوچستان جي رهواسي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا، شهدادڪوٽ شهر جي پراڻي نشاط سئنيما پرسان موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري بلوچستان جي علائقي گنداخي جي ڳوٺ رستم خان جمالي جي رهواسي نوجوان نبي بخش مگسي کي قتل ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين :بدامني ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ ايس ٽي پي پاران پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

خانپور مهر ۾ گاڏي ٽوڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جا اگهه وڌائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڪامريڊ بادل ملڪ، محمد خان شر، زاهد شر، سجاد سومرو، نهال سنڌي ۽ ٻين احتجاجي ريلي ڪڍي

آءِ ايم ايف ۽ حڪمرانن گاڏي ٽوڙ مهانگائي ڪئي آهي جنهن سبب عوام جي چيلهه ڀڄي پئي آهي : مظاهرين

پيٽرول سميت عام واهپي جي شين جا اگهه ايترا وڌايا ويا آهن جو ماڻهو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا آهن

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال) خانپور مهر ۾ گاڏي ٽوڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جا اگهه وڌائڻ خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو خبرموجب، ملڪ ۾ گاڏي ٽوڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جا اگهه وڌائڻ خلاف ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي سڏ تي شهرين پاران پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي، احتجاج جي اڳواڻي ڪامريڊ بادل ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سلطانپور ۾ پرائمري اسڪول جو مرمتي ڪم ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو

اسڪول کي ڇت نه پوڻ ڪري معصوم شاگرد ٽٽل اس ۾ ويهي پڙهڻ لڳا، اختيارين اک نه پٽي

ڳوٺاڻن توڙي اسڪول جي شاگردن پاران بااثر ٺيڪيدار خلاف احتجاج ڪيو ويو، نوٽيس وٺڻ جي گهر

بااثر ٺيڪيدار خلاف ڪارروائي ڪري اڌ ۾ ڇڏيل اسڪول جو ڪم مڪمل ڪرائي ڏنو وڃي : رهواسي

سلطانپور(رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور ۾ قائم پرائمري اسڪول جو مرمتي ڪم ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو، اسڪول کي ڇت نه پوڻ ڪري معصوم شاگرد ٽٽل اس ۾ ويهي پڙهڻ لڳا، اختيارين اک نه پٽي، ڳوٺاڻن توڙي اسڪول جي شاگردن جو بااثر ٺيڪيدار خلاف احتجاج ,جلد رهيل ڪم مڪمل ڪيو وڃي، مطالبو تفصيل موجب سلطانپور پرسان ڳوٺ گلشن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

پرنسپل عورت سان زيادتي جو ڪيس، جوابدار کي جوڊيشل رماند تي جيل موڪلي ڇڏيو

ملير (ڊ ر) پرنسپل عورت سان زيادتي جو ڪيس، جوابدار کي جوڊيشل رماند تي جيل موڪلي ڇڏيو ڪراچي جي مقامي عدالت عورتن سان زيادتي واري ڪيس ۾ جوابدار پرنسپل کي جوڊيشل رماند تي جيل موڪلي ڇڏيو آهي. جوڊيشل مئجسٽريٽ مليرجي عدالت ۾ گلشن حديد ۾ اسڪول جي پرنسپال پاران عورت سان زيادتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سلطانپور ۾ پرائمري اسڪول جو مرمتي ڪم ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي ڀڄي ويو ٻارڙا احتجاج ڪندي

دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ام رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

قانون سڀني لاءِ برابر آهي ,انصاف وٺي رهنداسين ,سردارن کي ڪيس کان ڀڄڻ نه ڏينداسين :ام رباب چانڊيو

ڪيس جو شاهد اعجاز چانڊيو ڪان جوابدارن جي وڪيلن جي جرح ۾ سڀني اڳيرائي ٿي آهي

ڪيس جو شاهد اعجاز چانڊيو هڪ هنڌ هڪڙو ۽ عدالت ۾ ٻيو بيان ڏنو آهي : سردار خان چانڊيو

دادو(رپورٽ : عزيزالله خاصخيلي) دادو جي ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ ام رباب چانڊيو جي 3 گهر ڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري، ڪيس جي ٻڌڻي دوران ڪيس جو فريادي ۽ ام رباب چانڊيو عدالت پهتا. جڏهن ته ڪيس ۾ جوابدار طور نامزد سردار چانڊيو ۽ برهان چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا جڏهن ته ڪيس ۾ گرفتار ٿيل جوابدارن کي سخت سيڪيورٽي هيٺ دادو ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز جي ڳوٺ علي حسن ڪوسو ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

فوڪل پرسن ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر، مليريا انچارج شاهه محمد شر، هدايت الله سولنگي ۽ ٻيا موجود هئا

ڪئمپ لڳائي مفت علاج ڪري مفت ٽيسٽون ۽ دوائون مريضن کي ڏنيون پيون وڃن : ڊاڪٽر

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ(نوشهروفيروز جي ڳوٺ علي حسن ڪوسو ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو جي تعاون سان مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي. جنهن ۾ فوڪل پرسن ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر، مليريا انچارج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ناروشاهه ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ چورن ترٿلي مچائي ڇڏيو

ٻن ڏينهن اندر تعليمي ادارن مان چور سولر پليٽون پاڻي وارو موٽر چورائي ويا

ٻن پورهتن جون موٽر سائيڪلون چوريون ٿي ويون، نوٽيس وٺي واهر ڪرڻ جي اپيل

ناروشاهه(رپورٽر) ناروشاهه ۽ پرپاسي جي علائقن ۾ چورن ترٿلي مچائي ڇڏيو ٻن ڏينهن اندر تعليمي ادارن مان چور سولر پليٽون پاڻي وارو موٽر سميت ٻن پورهتن جون موٽر سائيڪلون چوريون ٿي ويون ناروشاهه پوليس اڳهور ٽنڊ سنڌل ايس ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر ۾ سيپڪو پاران بجلي چوري خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري

سيپڪو پاران نصرت ڪالوني نمبر 5، قريشي روڊ وارن علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون

سب ڊويزن ۾ ڪنهن کي به بجلي چوري ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي : ايس ڊي او

سکر(رپورٽر) سنڌ جي ٽين وڏي شهر سکر ۾ سيپڪو پاران بجلي چوري خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي. جڏهن ته پرائم سڪس [illegible] ڊويزن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٺٽي ۾ نيشنل الفلاح ويلفيئر ٽرسٽ پاڪستان پاران غريبن جي مدد جاري

پورهيت محمد اسماعيل شيخ کي روزي ڪمائڻ لاءِ گڏهه گاڏو ۽ ڪيش رقم جي مدد ڪري روزگار جو وسيلو مهيا ڪيو ويو

اسان جو مقصد هن وڌندڙ مهانگائي ۾ روزگار جي حوالي سان انهن غريب مستحق خاندانن جي مدد ڪرڻ آهي : اڳواڻ

ٺٽو(ن) نيشنل الفلاح ويلفيئر ٽرسٽ پاڪستان پاران غريب [illegible] آهي. ان سلسلي ۾ نيشنل الفلاح [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهدادڪوٽ ۾ اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ اڳيان بيمار لاوارث پيرسن پيل رهيو

اسپتال انتظاميه سان رابطي ۽ ميڊيا تي اچڻ بعد اسپتال عملي ڪنهن کي علاج شروع ڪري ڇڏيو

پيرسن شخص گڏيل ڏينهن اسپتال ٻاهران هٿ اير آهي جنهن جو علاج ڪيو ويو : انتظاميه

شهدادڪوٽ(ن) شهدادڪوٽ ۾ اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ اڳيان بيمار لاوارث پيرسن پيل [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

شهدادڪوٽ ۾ اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ اڳيان بيمار لاوارث پيرسن پيل آهي

دادو جي ڳوٺن جي اسڪولن جي حالت رحم جوڳي، ٻارن جي تعليم متاثر

بايو ميٽرڪ سسٽم هئڻ باوجود اسڪول جا استاد جڳاڙ ڪري پنهنجن ٻين ڌنڌن ۾ مصروف

اسڪول کي نائب قاصد حامد سولنگي هلائي رهيو آهي، نوٽيس ورتو وڃي : رهواسي

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو تعلقي جي ڳوٺن جي اسڪولن جي حالت رحم جوڳي، تعلير ڪاتو دادو توڙي تعليمي اختيارين اڳهور ٽنڊ سنڌل، تعلقي جي هڪ اسڪول جي ملول چاڻ موجب پرائمري اسڪول الهه رکيو سولنگي ۾ 3 استاد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽي ۾ شهرين پاران پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف انوکو احتجاج

عوام پاران موٽرسائيڪل جو جنازو ڪڍي ۽ سخت احتجاج ۽ نعريبازي ڪئي وئي

نوٽيس وٺي پيٽرول جي اگهن ۾ ڪيل واڌ کي فوري طور واپس ورتو وڃي : مظاهرين

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) پيٽروليم شين جي اگهن ۾ هر پندرهن ڏينهن ڪانپو، واڌ ٿيڻ ڪري عوام جو صبر جواب ڏيڻ لڳو. گذريل ڏينهن حڪومت پاران پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ڪانپو، پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف ٺٽي جي شهرين پاران انوکو احتجاج ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٺٽي :شهرين پاران پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف انوکو احتجاج ڪيو ويو

ڪي اين شاهه ۾ قومي ڪارڪن افضل لنڊ جي وارثن سان تعزيت جاري

جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير ممتاز حسين سهتو جي اڳواڻي ۾ وفد تعزيت ڪئي

نوجوان افضل لنڊ سنڌ جو شعور هو ان جو خون لڙهڻ نه گهرجي : **ممتاز حسين سهتو**

ڪراچي /ميهڙ(رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير ممتاز حسين سهتو جي اڳواڻي ۾ جماعت اسلامي جي وفد ڪي اين شاهه پهچي ڪجهه ڏينهن اڳ ٺنڊي آدم ۾ بيدردي سان قتل ٿيندڙ نوجوان افضل لنڊ جي والد عبدالنبي لنڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو پرسان موٽر سائيڪل ۽ ڪار ۾ زوزدار ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

درگاهه غوث محمد شاهه حسيني جو گادي نشين سيد حاجن شاهه جيلاني شديد زخمي ٿي پيو

ڊاڪٽر زخمي کي لاڙڪاڻو ريفر ڪيو، زخمن جا سور نه سهندي رستي ۾ فوت ٿي ويو

دادو(ن سنڌيار) دادو پرسان شهيد مخدوم بلاول پوليس حد دوداڻي شاخ وٽ انڊس هائي ويز تي موٽرسائيڪل ۽ ڪار ۾ زوزدار ٽڪر جي نتيجي ۾ ڳوٺ شير محمد سولنگي جو رهواسي درگاهه غوث محمد شاهه حسيني جو گادي نشين سيد حاجن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو جون ذخيره اندوزن خلاف ڪارروايون

مختلف گودامن تي ڇاپا، 6 هزار ڪٽڪ، ڪڻڪ ۽ يوريا جون ٻوريون هٿ

ڪٽڪ، ڪڻڪ يا يوريا ذخيرو ڪرڻ جي اجازت نه ڏبي : اسسٽنٽ ڪمشنر

گهوٽڪي (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي جو وير فلور مل تي ڇاپو، مختلف قسم جي ٻاڻ جون 10 هزار ٻوريون هٿ ڪري ورتيون، تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي آغا شير زمان جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گهوٽڪي: اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپور ماٿيلو جون ذخيره اندوزن خلاف ڪارروايون ڪيون ويون

بدين ۾ ٺٽون دمبالو جي سينئر صحافي قادر بخش ڪورائي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ماتلي جي صحافين پاران سٽي پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاج مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

پوليس بااثرن جي ونگار وهندي صحافي قادر بخش ڪورائي تي ڪيس داخل ڪري تشدد ڪري ڪيس داخل ڪيو آهي : مظاهرين

تشدد سبب صحافي قادر بخش جي طبيعت انتهائي خراب ٿي وئي آهي، جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا، واهر ڪئي وڃي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٺٽون دمبالو جي سينئر صحافي قادر بخش ڪورائي تي ٽنڊو غلام علي پوليس پاران بااثرن جي ونگار وهندي مٿس ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ماتلي جي صحافين پاران سٽي پريس ڪلب ماتلي اڳيان احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بدين :ٺٽون دمبالو جي سينئر صحافي قادر بخش ڪورائي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

تنڊوباگو پرسان چتي ڪتي هڪ عورت سميت ڇهين ڄڻن کي ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو

تنڊوباگو(رفاقت جروار) تنڊوباگو پرسان ڳوٺ عارو دل ۾ چتي هڪ عورت سميت ڇهين ڄڻن کي چڪ هڻي زخمي ڪري ڇڏيو آهي، چتي ڪتي جي ڏاڙهيلن ۾ مصري ڪولهي، لالچند، الهڏنو مهر ۽ هڪ عورت سميت چار ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي تعلقه اسپتال تنڊوباگو پهچايو ويو آهي، جتي ڪين چتي ڪتي جي ويڪسين لڳائي وئي.

ٽنڊو محمد خان جي صحافين مٿان ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

صحافي قادر بخش ڪورائي ۽ صحافي امتياز ڪورائي جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڪيس داخل ڪندڙ اهلڪارن کي معطل ڪري صحافين سان انصاف ڪيو وڃي : مظاهرين

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي)ٽنڊو محمد خان جي صحافين مٿان ڪيس داخل ڪرڻ [illegible] نوجوان صحافي امتياز ڪورائي جي گرفتاري خلاف احتجاج، ايس ايس پي بدين [illegible] ٽنڊو محمد خان ۾ صحافين پريس ڪلب آڏو [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سجاول ۾ پوليس جون ڪارروايون، 9 روپوش ۽ 2 منشيات فروش سميت 11 جوابدار گرفتار

ايس ايس پي سجاول شهلا قريشي جي هدايتن تي سجاول سميت چوهڙ جمالي، جاتي، ٻنون ۽ جاتي چوڪ ۾ پوليس ڪارروايون ڪيون

9 روپوش ۽ 2 گٽڪا فروشن سميت 11 جڻن کي گرفتار ڪري 1440 گٽڪن جون پڙيون ۽ هڪ چوري ٿيل موٽر سائيڪل برآمد ڪئي وئي

8 روپوش منشيات فروشن محبوب پٽي، عرس پٽي، ارشاد پٽي، عزيز پٽي، سلمان عرف سليمان پٽي، شاهه نواز پٽي ۽ حميد پٽي گرفتار

سجاول (رپورٽ ممتاز نهڙيو) سجاول ۾ پوليس جون ڪارروايون 9 روپوش ۽ 2 منشيات فروش سميت 11 جوابدار گرفتار [illegible] 1440 [illegible] /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شيخ پرڪيو فاران شگر مل پيپلز مزدور يونين پاران احتجاج

تنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي) شيخ پرڪيو فاران شگر مل پيپلز مزدور يونين پاران مل انتظاميا خلاف مزدورن جي حق ۾ مل مزدور يونين انتظاميا خلاف احتجاج ڪيو ويو فاران شگر مل جي تازو رجسٽرڊ ٿيل پيپلز مزدور يونين جي حق ۾ سنڌ لغاري تنظيم جي اڳواڻ ايڊوڪيٽ نجم الدين لغاري، سنڌ هاري ڪميٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سجاول 9 روپوش ۽ 2 منشيات فروش سميت 11 جوابدار گرفتار ڪيا ويا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ ٽاليواري اديب ليکڪ شاعر ليجنڊ امداد حسيني ۽ ليکڪ تاج ٽڪڙائي جي ورسي

ورسي تي اديبن، شاعرن ، قلمڪارن، ساڃاهوندن پاران سندن عظيم ادبي خدمتن تي کين خراج تحسين پيش

امداد حسيني ۽ محمد دائود تاج ٽڪڙائي سنڌ ڌرتي جا ٻئي سرموڙ شاعر آهن: محمد يوسف کٽري ۽ ٻيا

ٻنهي شاعرن جي وڇوڙي سان سنڌي ادب کي وڏو نقصان رسيو ۽ سنڌي ادب ۾ هڪ چڱو خاصو خال رهجي ويو آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ مظفر علي بروهي)سنڌ جي تاريخي ماڳ ٽڪڙ جي جنم ڀومي مان اڀرندڙ ستارا ٽاليواري اديب ليکڪ شاعر ليجنڊ امداد حسيني ۽ ليکڪ تاج ٽڪڙائي جي ورسي تي اديبن، شاعرن ، قلمڪارن، ساڃاهوندن پاران سندن عظيم ادبي خدمتن تي کين خراج تحسين پيش ڪيو آهي، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ علم و ادب اڪيڊمي پاران سنڌ جي ٻن ٽاليوارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر ۾ شاگردن جي تربيت ۽ مستقبل ۾ بهترين انسان بڻائڻ ۽ معاشري ۾ ڪردار ادا ڪرڻ بابت سيمينار

دنيا جي اسريل ملڪن تي نظر ٻوڙائجي ته اسان کي احساس ٿيندو، اڄڪلهه اسان جي معاشرو تنگدست ٿيندو پيو وڃي شاگردن کي پاڻ پتوڙڻ گهرجي : مقرر

تعليمي ادارن ۾ تعليم يافته استاد مقرر ڪرڻ گهرجن ته جيئن اهي شاگردن کي معاشري ۾ بهتر ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ گائيڊ ڪن، شاگردن کي سوچڻ کپي ته اسان توانائي ڪيئن بچايون؟

اسان روڊن تي ٿيندڙ حادثن کي ڪيئن گهٽايون. اسان پاڻي کي ضايع ٿيڻ کان ڪيئن بچايون؟ شهرن کي صاف سٿرو بڻائڻ لاءِ ڪيئن ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي؟

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ): رحيمداد خان مولائي شيدائي لائبريري ڪلچر ڪامپليڪس سکر ۾ شاگردن جي بهتر تربيت ۽ مستقبل ۾ بهترين انسان بڻائڻ ۽ معاشري ۾ بهتر ڪردار ادا ڪرڻ جي حوالي سان ليڪچر جو پروگرام رکيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

خانپورمهر ملڪ ۾ گاڏي ٽوڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جا اگهه وڌائڻ خلاف خانپورمهر ۾ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو

خانپورمهر (رپورٽر)خانپورمهر ملڪ ۾ گاڏي ٽوڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جا اگهه وڌائڻ خلاف خانپورمهر ۾ شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، خبرموجب، ملڪ ۾ گاڏي ٽوڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جا اگهه وڌائڻ خلاف ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي سڏ تي شهرين پاران پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر جي تربيت ۽ مستقبل ۾ بهترين انسان بڻائڻ ۽ معاشري ۾ ڪردار ادا ڪرڻ بابت سيمينار جو ڏيک

سنڌ جي مفادن خلاف ڪابه سودي بازي نه ٿيندي : علامه راشد محمود سومرو

اسان سنڌ خلاف ٿيندڙ ڪنهن به سازش جو مڙس ٿي مقابلو ڪيو آهي ۽ اڳتي به ڪنداسين

عمران نيازي پنهنجي حڪومت ۾ ملڪ کي تباهي جي ڪناري تائين پهچائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي

ڪشمور ۾ امن امان جي بهتر صورتحال لاءِ سنڌ پوليس ۽ رينجرز کي گڏيل ڪارروائي ڪري آپريشن ڪيو وڃي

غوثپور(عبدالنبي ملڪ)سنڌ جي مفادن خلاف ڪابه سودي بازي نه ٿيندي سنڌ خلاف ٿيندڙ ڪنهن به سازش جو مڙس ٿي مقابلو ڪيو آ ۽ ڪنداسين.عمران نيازي پنهنجي ڇئن سالن جي حڪومت ۾ هن ملڪ کي تباهي جي ڪناري تائين پهچائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي، اسان ڪيو ايم سان ڪوبه سنڌ دشمن معاهدو ناهي ڪيو چيف جسٽس عمرعطا بنديال جي فيصلن کي نه اڳ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جي هفتيوار دستوري گڏجاڻي

ڪهاڻيءَ ۾ شامل ڪردارن جا ڊائيلاگ، پس منظر ۽ ڪلائمڪس جو وڏو عمل داخل ٿئي ٿو : مجيد نواز مغل

ليکڪ مٿان پنهنجي ذاتي راءِ لاڳو نٿي ڪري سگهجي، شاعر پنهنجي تخليقن ۾ آزاد ۽ فڪري پابندين کان اڇهو ٿئي ٿو

شاعر حضرات پنهنجي ذاتي مايوسين کي فوڪس ڪرڻ بدران عام ماڻهن جي مسئلن ڏکن ۽ دردن کي تخليقن جو موضوع بڻائين

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) ڪهاڻيءَ ۾ شامل ڪردارن جا ڊائيلاگ، پس منظر ۽ ڪلائمڪس جو وڏو عمل داخل ٿئي ٿو ڪنهن به شاعر ۽ ليکڪ مٿان پنهنجي ذاتي راءِ لاڳو نٿي ڪري سگهجي، شاعر پنهنجي تخليقن ۾ آزاد ۽ فڪري پابندين کان اڇهو ٿئي ٿو، اهڙو اظهار سکر جي صحافي، اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر جي سيڪريٽري مجيد نواز مغل نقاد سڄل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

راڻي پور معصوم پريا ڪماري ۽ سنڌ مان اغوا ٿيلن جي بازيابيءَ لاءِ سول سوسائٽي، لائيرس فورم ۽ وائس آف راڻيپور پاران احتجاج جاري

راڻيپور (رپورٽر) راڻي پور معصوم پريا ڪماري ۽ سنڌ مان اغوا ٿيلن جي بازيابيءَ لاءِ سول سوسائٽي، لائيرس فورم ۽ وائس آف راڻيپور پاران قومي شاهراهه جي ڪنڌيءَ تي لڳايل ڪئمپ نائين ڏينهن به جاري رکي وئي آهي. ڪئمپ تي جستم (بشير خان) جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، رواداري تحريڪ سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سکر ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جي هفتيوار دستوري گڏجاڻي جو ڏيک

دادو پرسان اڳوڻي سينيٽر مرحوم اعجاز علي خان جتوئي جي 26 ورسي تقريب

اڳوڻي وفاقي وزير لياقت علي خان جتوئي، صداقت علي خان جتوئي، احسان علي خان جتوئي ۽ ٻين جي شرڪت

مرحوم اعجاز علي خان جتوئي منهنجو ننڍو ڀاءُ ۽ منهنجو بهترين سچو دوست هو : لياقت علي جتوئي

هو هڪ محب وطن عظيم برک سياستدان هيو. سندس وڇوڙو هميشه ياد رهندو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سنڌ جي برک عظيم قوم پرست اڳواڻ سينيئر سياستدان اڳوڻي سينيٽر مرحوم اعجاز علي خان جتوئي جي 26 ورسي اباڻي ڳوٺ ٻيٽو جتوئي ۾ نهايت عقيدت احترام سان ملهائي وئي، ورسي جي موقعي تي اڳوڻي وفاقي وزير لياقت علي خان جتوئي، صداقت علي خان جتوئي، احسان علي خان جتوئي، انجنيئر ظفر علي خان جتوئي،ولايت علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
آچر 17 سيپٽمبر 2023ع

چونڊن جو ماحول، سياسي جماعتن جون سرگرميون ۽ عوام جي ڪاوڙ

سنڌ ۾ هر اليڪشن کان ٿورو اڳ عام طور تي هڪ وڏو حلقو پاڪستان پيپلزپارٽي کان ناراضگي جو اظهار ڪندي. ان پ پ پ جي متبادل جماعت هئڻ جي ڳالهه ڇيڙيندو آهي. پر شايد ئي ڪا اهڙي چونڊ هجي، جنهن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي مقابلي ۾ ڪا جماعت يا ڪا پارٽي ٽڪي سگهي هجي. اهو ضرور ٿيو آهي ته سڌي ريت پ پ پ کي هارائي نه سگهڻ جي صورت ۾ ان جو پيو بندوبست ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي.

جنهن جو اثر پڻ گهٽ ڪري غيرجمهوري قوتن جي دور ۾ رهيو آهي. پر گذريل لڳ ڀڳ 15 سالن کان سنڌ صوبي تي پاڪستان پيپلزپارٽي جي حڪومت رهي آهي. جنهن ۾ پيپلزپارٽي ۾ وڏو حلقو اليڪٽيبلز جو به شامل آهي. جنهن جو پنهنجو علائقائي يا برادري جو ووٽ بئنڪ آهي.

سنڌ جي انهن 15 سالن ۾ پ پ پ جي اقتداري دور ۾ عوام کي ڪي گهٽيون سهولتون نه مليون آهن. انساني حقن جي ڀڃڪڙي، بدامني، مهانگائي، تعليم ۽ صحت جو گهربل سهولتون نه ملي سگهيون آهن. چوڻ وارا چون ٿا ته ان دور ۾ ماڻهو ڪنهن به ڪاتي ۾ ڪنهن به ماڻهون جو ڪو ڪم بنا رشوت جي نه ٿيندو هو. ڀهراڙين مان غربت نه گهٽي. مڪاني ادارن جي سرگرم هئڻ باوجود عوام کي اهي سهولتون نه مليون جيڪي لازمي ملي وڃڻ گهرجن ها. ان جي باوجود اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته پوءِ به ماڻهون پيپلزپارٽي کي ڇو ٿا ووٽ ڏين ؟ ان جو سڌو جواب اهو آهي ته ان جو نعم البدل ناهي. ان جي ڪا اپوزيشن ناهي.

هن وقت به چونڊن جو ماحول جڙي رهيو آهي ته وري ڪجهه جماعتون پ پ پ جي خلاف اتحاد ڪرڻ يا پاڻ ۾ گڏجڻ جون تياريون ڪري رهيون آهن. ان سلسلي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان، جي ڊي اي، جي يو آءِ ۽ ن ليگ جو هڪ اجلاس ٿيو هو. جنهن ۾ ان بابت غور ڪيو ويو ان دوران ڪافي معاملن تي اتفاق ٿيو آهي. ان سلسلي جي هڪ ٻي ڪڙي طور خميس واري ڏينهن جي يو آءِ (فضل الرحمان) جي سنڌي جي قيادت پڻ ايم ڪيو ايم پاڪستان سان ملاقات ڪري سنڌ ۾ پ پ پ جي خلاف اتحاد ڪرڻ بابت ڳالهه ٻول ڪئي آهي. سنڌ ۾ ٻه پارٽيون جماعت اسلامي ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف اڃان تائين ڪنهن پاسي ڏانهن لاڙي رکڻ جو اظهار نه ڪيو آهي. ڪجهه جماعتن خاص ڪري جماعت اسلامي، ايم ڪيو ايم، مسلم ليگ ن ۽ پاڪستان تحريڪ انصاف جو اصل ۾ ووٽ بئنڪ هڪڙي شهر ڪراچي يا وڌ ۾ وڌ وري حيدرآباد تائين آهي. جڏهن ته جي يو آءِ وٽ لاڙڪاڻي واري سيٽ جو حلقو هجي.

ماڻهون پ پ پ جي ڪارڪردگيءَ ۽ ان ۾ عرصي کان موجود اليڪٽيبلز واري جمود کان تنگ آهن. ڪو اهڙو اتحاد سامهون اچڻ سان ان جو ڪو نتيجو به نڪري سگهي ٿو پر ان جي لاءِ هڪ ڳالهه لازمي آهي ته ان اتحاد ۾ اهڙيون ڌريون هجن جن کي عوامي مقبوليت هجي. ان جي ابتڙ اهڙي نوعيت جي ڪنهن به اتحاد يا ڪوشش جنهن مان خود محلاتي سازش جو شڪ ٿيندو هجي عوام شايد ئي قبول ڪري. مٿي ذڪر ڪيل ڪنهن به جماعت جي جدوجهد يا وري ان جي ڪارڪردگي، ان ان جماعت جي پيٽ ۾ بهتر ناهي رهي جنهن سان مقابلي جي لاءِ اهي ميدان ۾ اچي رهيون آهن. اڳيرائي يا مثبت ڳالهه ڪي بهتر موٽ ملي سگهي ٿي، ڪنهن بهتر واري ڪوشش جي عوام حمايت ڪندو پر ان لاءِ شرط آهي ته اهو بهتري وارو پهلو ڪٿي نظر به اچي.

ساڳي ريت هي پ پ پ جي لاءِ پڻ پاڻ کي بهتر ڪرڻ جو هڪ بهترين موقعو آهي. وقت بدلجي رهيو آهي ماڻهن ۾ گهڻي ڪاوڙ آهي. جيڪڏهن جماعت پنهنجي اندر موجود ڪرپٽ عنصرن خلاف ڪارروائي ڪري ٿي. پارٽي اندر جمهوريت جي روايت کي اڳتي وڌائي ٿي، وچولي طبقي کي حقيقي بنيادن تي اڳتي اچڻ جو موقعو ڏنو ٿو وڃي ته ان جا سنڌ جي سياست تي بهترين نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا.

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ ڪاڙهي ڌر جو مهانگائي خلاف احتجاج

تحرير: نثار لغاري

هن وقت جيئن جيئن ملڪ ۾ عالمي مالياتي ادارن جي چوڻ تي ملڪي اشرافيا طبقو مهانگائي ڪري رهيو آهي قومي طبقاتي حقن تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي ان خلاف عوامي رد عمل تيز ٿي رهيو آهي ان سلسلي ۾ ڪاڙهي ڌر به متحرڪ آهي. اها به ملڪ گير سطح تي انهن ناانصافين خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

هن وقت ڪاڙهي ڌر جو اهو نقطهٔ نظر آهي ته هي سموريون بدمعاشيون سرمايادار طبقي جون آهن. ان سلسلي ۾ ليفٽ ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جو مطالبو آهي ته بجلي پيدا ڪندڙ خانگي ادارن کي رياستي ملڪيت ۾ ورتو وڃي، غيرپيداواري خرچن ۽ اشرافيا جي مراعتن ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي.

پاڪستان جي مڪيه سرمائيدارن ان مرقعي مان فائدو ڪنندي ڪوڙ پلانٽس لڳايا. بجليءَ جي پيداوار ته وڌي وئي پر آءِ پي پيز جيڪا بجلي پيدا ڪئي اها وڏيڪ مهانگي هئي. ان جو ڪارڻ هي آهي ته انهن مان ڪوڙ بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ فرنس آئل، ايل اين جي گيس ۽ ٻاهران گهرايل ڪوئلو استعمال ڪن ٿا. جڏهن ته پاڻيءَ سان بجلي 7 روپيا في يونٽ ٺهي ٿي، ايل اين جي سان ٺاهيل بجلي 45 روپين ۾ في يونٽ پيدا ٿئي ٿي. ان باوجود حڪومت آءِ پي پي جي حمايت جاري رکي ۽ هر سال انهن کي ڪروڙين اداڳيون ڪيون.

جيئن جيئن تيل ۽ ڊالر جي قيمت ۾ واڌ ٿي، اها ڪيپسٽي پيمنٽ وڌندي وئي. 2015 ۾ حڪومت مقامي آءِ پي پيز جي ادائگي ڊالر جي قيمت 148 روپيا في ڊالر تي طئي ڪري ڇڏي. 2020 ۾ سينيٽ جي بجليءَ بابت قائم ڪميٽي جي خصوص رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو ته آءِ پي پيز حڪومت کان 39 ارب روپيا وڌيڪ وصول ڪيا. ان هڪ اهڙو اسڪينڊل پيدا ڪيو جو آءِ پي پيز پنهنجي سرمائي تي اداڳين کي 18 سيڪڙو کان ڪيرائي 15 سيڪڙو ڪري ڇڏيو پر اها لاٽ ناڪافي ثابت ٿي. آءِ پي پيز اڃان تائين پنهنجيون اداڳيون وڌائي چڙهائي ٻڌائين پيون. جيئن جيئن تيل جي قيمت وڌڻ شروع ٿي، آءِ پي پيز کي اداڳيون ان سان گڏ وڌڻ جون پابند هيون. سو وڌنديون ويون. جڏهن گذريل حڪومت آءِ ايم ايف سان 3 ارب ڊالر جي معاهدن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ته قرض جي شرطن ۾ اهو به شامل هو ته ٻاهران شيون گهرائڻ تي سموريون رنڊڪون ختم ڪيون وينديون ۽ مارڪيٽ ڊالر جي قيمت طئي ڪندي. اهڙي طرح، آءِ ايم ايف جو شرط هو ته بجيٽ خساري کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت کي آءِ پي پيز سان ڪيل واعدا پورا ڪندي پاور سيڪٽر کي ملندڙ سڀ سبسڊيز کي ختم ڪري بجليءَ جي سڄي رقم واهپيدارن ڏانهن منتقل ڪرڻي پوندي.

آءِ ايم ايف اهو به شرط رکيو ته حڪومت ٽيڪسن ذريعي وڌيڪ رقم جمع ڪري انڪري اِسڌو ٽيڪس به وڌايو ويو آهي. ۽ نيٽ جيئن ته ڊالرمٽي وڃي رهيو آهي، آءِ پي پيز جي ڪيپسٽي پيمنٽ هن سال 1.3 ٽرلين روپيا ٿيندي ۽ ايندڙ سال 2 ٽرلين (2 هزار ارب) ٿيندي. اٽڪل 22 خانگي پاور پروڊيوسرز ايتري مهانگي بجلي پيدا ڪن ٿا جو اُنهن کي هر حال ۾ بند ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهي معاشي طور تي فائديمند ادارا بلڪل ناهن رهيا ۽ ماحولياتي طور تي به هاڃيڪار آهن. حڪومت ۽ آءِ ايم ايف ان مهانگي بجليءَ جو سڄو بار مڪمل طور تي واهپيدارن تي وجهي ڇڏيو آهي. هن وقت پورهيت طبقي جا ماڻهو گهرجي مسواڙ کان وڌيڪ بجلي جا بل ادا ڪري

رهيا آهن ۽ خودڪشيون ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا.

اهو سڀ ڪجهه آءِ ايم ايف جي پاليسين جو نتيجو آهي جن تي پي ٽي آءِ حڪومت صحيحيون ڪيون هيون ۽ پي ڊي ايم حڪومت اُن کي جاري رکيو بجلي، پيٽرول، ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪانپوءِ هاڻي گيس جون قيمتون به وڌڻ پيون چاڪاڻ ته حڪومت وٽ اُنهن ضروري شين تي سبسڊي ڏيڻ لاءِ پيسا ئي ناهن. انڪري سرڪاري انگ اکرن مطابق مهانگائي 25 سيڪڙو تائين وڌي وئي آهي جڏهن ته ٻين معاشي ماهرن جو چوڻ آهي ته حقيقي مهانگائي اُن کان به گهڻو وڌيڪ آهي. ايڏي مهانگائي تي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ڊولپمينٽ اڪنامڪس جي رپورٽ مطابق 78 سيڪڙو کان 82 سيڪڙو ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروباري ادارن کي شديد مالي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو يعني آءِ ايم ايف جي پاليسي جي نتيجي ۾ پاڪستان جي صنعت تباهه ٿيندي نظر اچي رهي آهي. خانگي پاور ڪمپنين کي ساليانو اداڻي ڪرب روپين جون مراعتون ڏنيون پيون وڃن. آءِ پي پي ۽ ورچ ڪندڙ ادارن، حڪمران طبقي ۽ اشرافيا جي مراعتن ۽ واپڊا جي نااهل ۽ ڪرپٽ ڪامورن جي ڳٽ جوڙ سان ۽ ڪرپشن جي نتيجي ۾ گردشي قرض 2 کرب 60 ارب تائين پهچي چڪو آهي. جنهن کي عام ماڻهو جي کيسن مان مختلف ٽيڪسن، بجلي، پيٽرول، ڊيزل ۽ کنڊ جي قيمتن ۾ واڌ ذريعي ڪڍيو پيو وڃي. هن وقت ملڪ جو هر شهري 350.000 روپين جو قرضي آهي.

پنجاهه جي ڏهاڪي کان ملڪي معيشت ۾ جيڪو جمود آهي انجو ڪارڻ جمهوريت نه پر نيولبرل ازم جي ترقيءَ وارو ماڊل (يعني نجڪاري، لبرلائيزيشن ۽ ڊي ريگوليشن) آهي جيڪا نه صرف ترقيءَ جي راهه هموار ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام آهي پر ان جي نتيجي ۾ پاڪستان جي صنعت ختم ٿي رهي آهي. وڏي پيماني تي مينيوفيڪچرنگ صنعت جمود جو شڪار آهي. 1990 ۾ اها ڪُل آمدني جو 15 سيڪڙو هئي ۽ هاڻي صرف 12 سيڪڙو تائين رهجي وئي آهي. تنهنڪري اهو واضح آهي ته نجڪاري جي نتيجي ۾ پاڪستان جي صنعت ختم ٿي رهي آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته ان ڪل جوڳي لاڙي کي تبديل ڪيو وڃي جنهن عوام کي ڏاڍو نقصان پهچايو آهي. ڪجهه صنعتون اهڙيون آهن جن تي خانگي هڪ هٽي آهي جڏهن ته اُنهن کي رياستي ملڪيت ۾ هجڻ گهرجي. باقي بچيل معيشت جي تباهيءَ بنا اُنهن جي نجڪاري نه ٿي ڪري سگهجي. بجليءَ جي پيداوار ۽ ورچ کي خانگي سرمائيدارن جي هٿن ۾ نه ٿو ڏئي سگهجي ۽ خاص طور تي ان قسم جي معاهدن تحت جن ۾ عوامي پيسي کي نجي منافعي جي ضمانت لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو

